# ٻه وساٺ

سندر جي ماءُ کي خبر پيئي ته اڄ سندس ننهن جو ٿي ويءَ تي نرتيه پروگرام آهي. سو سويل ئي اچي، پاڙي واريءَ جهامن ماءُ جي گهر پروگرام ڏسڻ ويٺي.

جهامن جو پروگرام ڏٺو ته سندر ماءُ کي پنيان ٻنهي ڪلهن کان جهلي چيائين، ”امي ! تنهنجو سندر ته ڀاڳن وارو آهي.“

”ايٻس ڪر هاڻي“... جهامن ماءُ پٽ کي جهڻڪيو، ”مان ته ماريا ههڙيءَ نچڻيءَ سان توکي ڪڏهن نه پرڻايان.“

سندر ماءُ جو منهن لهي ويو. ٽي ويءَ تي جيترو وقت نرتيه جو پروگرام ٿئي هليو اوترو وقت ته ڪيس ننهن لاءِ ڪا شڪايت ڪانه هئي. پر جهامن ماءُ جو اعلان، ته مان جيڪر نچڻي ننهن نه وٺان، تنهن سندر ماءُ جو موڊ ئي خراب ڪري ڇڏيو. واپس گهر ۾ اچي ته ننهن جو ناچ ٿئي اکين اڳيان ڦريس. جهامن ماءُ جا اکر ٻه مغز ۾ ٿئي وڃيس.

سندر رات جو دير سان گهر ۾ آيو. ماءُ ڪاڏي جي ٿالهي پٽ جي اڳيان رکي، پاڻ مور جهور ٿي وڃي ڪرسي تي ويٺي.

سندر چيو سياڻي ٿي وي وارو ٿي وي ڪڍي ايندءِ.“

”آخر ٿهي ويئي... اجايو اڄ ٻين جي درن تي ڌڪا کائڻا پيا.“

سندر چيو، ”کائين جو ڪونه ٿي؟“

”گرهه ڳيسيم ته کان نه!“

سندر ته چرڪ ڀري مٿي ڏٺو، ”چو ڪجهه ٿيو آهي ڇا؟“

”اڄ ٽي ويءَ تي ڏسي آيس تنهنجي نيلم نچڻي. مان ڪونه انهيءَ سان شادي ڪرڻ ڏيندي سانءِ.“

”تمپيءَ ڪنهن سان ته مان شادي ڪرڻ وارو ئي ناهيان.“

”ته ناچ ڇڏئيس.“

”اما! ڇا پيئي چوين؟ ڪيڏا خرچ ڪري ته هن ڪڙيءَ تي پهتي آهي.“ جهڙي اپسرا... تون ته شو جي پوڄارڻ آهين. شو جو تانڊو نرتيه نٻڌو اٿيئي؟“

”اهي ٿيا ديوتائون, انهن جي ڳالهه ئي نه ڪر. مان سيني جون ڳالهيون ٻڌندي رهان ته نچڻي ننهن ورتي اٿس!“

”ڪير آهن اهڙا ڇريا؟ هونديون ڪي مدي خارج ڳالهيون. باقي هئين نسل مان ڪير ڪين چوندو ته نرتيه ڪلا خراب چيز آهي. خبر اٿيئي مدراس ۾ هرڪا ڇوڪري نرتيه سکندي آهي.“

”ته اسين مدراسي آهيون ڇا؟“

”الائجي ڪهڙا ڇريا ماڻهو آهن؟ هاڻي اسانجي ڪملا کي راڳ جو هيڏو شوق آهي.“ ”مان ڏسج ڪيئن ٿي اهو ڪاڪڙومئي پٽي رڪانس. اجان ننڍي آهي. ملئٽي مٽيءَ جا ڏينهن ٿين ته ڏسج ڪيئن ٿي نرگهٽ ساڙي رڪانس!“

سندر سوچ ۾ پئجي ويو. ڪيس ماءُ جي شڪل ۾ ڪالي ماتا نظر آئي. پر رات جو سمهڻ مهل وري سندر کي اهو نظارو اکيان ڦرڻ لڳو جڏهن نيلم ٽي ويءَ تي نرتيه لاءِ وڃي رهي هئي ته پهرين گروءَ کي نمسڪار ڪري اچي سندس اکيان ٻيٺي هئي. سندس پاڪ پوتر من اڇل ڪلئي هن ديوتا سروپ مورتيءَ کي ويڙهجي وڃڻ چاهيو هو.نيلم هٿ ڪٺي سندس پيرن تي رکيا ۽ وري اهي آڱريون ڏاڍيءَ صداقت سان پنهنجي اکين سان ڇهئي ڇڏيئين. سندر جي انگ انگ ۾ هڪ سنگيت گونجڻ لڳو. آهه زندگي! سرڳ! سرڳ آهي سچو. سندس لاليءَ لڳل هٿ جهڙا ملايم گلاب جا گل. نيلم سڄي ساري سندر وسترن ۽ منين ۾ سينگاريل پارت ناٽيم جي پهراءُ ۾ سونهن جي ديوي ٿي لڳي. سندس مرڪندڙ چپ ته سندر ڪان وسريلئي نٿي.

اوچتو سندر جي ڇاتيءَ تي ڪنهن اچي هٿ هنيا. سندس سپننو سنگيت ٽٽي پيو.

”مان ٻڌلئي ٿي ڇڏيانءِ, مونکي اها ننهن گهر ۾ آڻڻي ناهي!“ چوندي چوندي ماءُ گهڙيءَ سندر جي ڇاتيءَ تي ٻہ ڄا ٿي هنيا, گهڙيءَ پنهنجو متو ٿي پٽيئين ٻلڪل هسٽيريا ۾ اچي ويئي. تڏهن سندر ڪيس پاڪر پائي چيو, ”اما جيئن تون چوندينءَ

